# حسابن جو حل

سوال نمبر 1

اگر ٽي ٻليون ٽن منٽن ۾ ٽي ڪوئا پڪڙين ٿيون ته ڪيتريون ٻليون سئو منٽن ۾ سئو ڪئا پڪڙينديون؟

سوال نمبر 2

هڪ ٽوڪري ۾ هڪ جيتريون ڪچه ڪاٺيون پيل هيون، صائمه انهن مان ڪچه ڪاٺيون کنيون ۽ هڪ ٽڪنڊوٽ ٺاهيو. نبيل به ڪچه ڪاٺيون کنيون ۽ ان مان هڪ چورس ٺاهيو. ٽوڪري هاڻي خالي ٿي وئي ٻڌايو ته ٽوڪري ۾ ڪيتريون ڪاٺيون پيل هيون؟

سوال نمبر 3

مان ڏهن نمبرن کان وڏيڪ پر ويهن نمبرن کان گهٽ آهيان. مان ٻن اکرن سان ٺهيل آهيان (مثال 5+5) ٻڌايو ته مان ڪهڙو نمبر آهيان؟

سوال نمبر 4

هڪ دبي ۾ پنج مٺايون آهن، توهان انهن مان پنج کنيون ته ٻڌايو ته دبي ۾ باقي ڪيتريون مٺايون بچيون؟

سوال نمبر 5

هڪ اهڙو انگ جنهن کي ڪهڙي به نمبر سان ضرب ڏجي ته نمبر اهو ئي انگ رهندو آهي. ٻڌايو ته اهو ڪهڙو انگ آهي؟

سوال نمبر 6

منهنجي ڪلاس ۾ 20 ٻار آهن، ٻڌايو ته ٻارن جي ساڄي هٿ ۾ ڪيتريون آڱريون ٿينديون آهن؟ ٻڌايو ته منهنجي ڪلاس جي ٻارن جي ڪاٻي هٿن جو ڪيتريون آڱريون ٿينديون؟

سوال نمبر 7

منهنجي ماءَ ۽ سندس ڀيڻ جي عمر ملائي ڪل ستر سال ٿئي ٿي، منهنجي ماءُ پنهنجي ڀيڻ کان ڏهه سال وڏي آهي ٻڌايو ته انهن ٻنهي جي عمر ڪيتري آهي؟

سوال نمبر 8

هيٺ ڏنل سوالن جو جواب لکو

5000x0=    5000x1=

سوال نمبر 9

اسان جي گهر ۾ پالتو ڪتا ۽ طوطا آهن. انهن سڀني جون ملائي ڪل ٻارنهن ٽنگون آهن. ۽ اٺ مٿا آهن. ٻڌايو ته ڪل ڪيترا جانور آهن؟

سوال نمبر 10

ڪجه ڇوڪرين گڏجي پڪنڪ جو پروگرام ٺاهيو، انهن مان ٿي ڇوڪريون جيڪي پيلي رنگ جي ڪپڙن ۾ هيون انهن 21 رپيا جمع ڪرايا. ڏهه ڇوڪريون نيري رنگ جي لباس ۾ هيون انهن مان هرڇوڪري نيري رنگ جي لباس واري ڇوڪري کان هڪ رپيو گهٽ جمع ڪرايو. ٻڌايو ته نيري رنگ جي لباس وارين ڇوڪرين ڪل ڪيتري رقم جمع ڪئي؟

.......

جواب 1

هڪ سئو ٻليون

جواب 2

صائمه ٽنڪنڊو بنائڻ لاءِ ٽي ڪاٺيون ڪنيون، نبيل چورس بنائڻ لاءِ چار ڪاٺيون ڪنيون، هاڻي ٽوڪري خالي آهي ان جو مطلب ته ٽوڪري ۾ ست ڪاٺيون هيون.

جواب 3

مان 11 آهيان

جواب 4

توهان وٽ پنج مٺايون آهن.

جواب 5

اهو انگ ٻڙي آهي (0)

جواب 6

ٻارن جي ساڄي هٿ ۾ پنج آڱريون هونديون آهن، ويهن ٻارن جي ساڄي هٿ ۾ 100 آڱريون آهن.

جواب 7

ٻنهي ڀينرن جي گڏيل عمر 70 سال آهي هاڻي ان مان ڏهه سال ڪٽ ڪيو، هاڻي انهن جي گڏيل عمر سٺ سال ٿيندي، ننڍي ڀيڻ جي عمر 30 سال ٿيندي، وڏي ڀيڻ جيڪا ان کان 10 سال وڏي آهي، ان جي عمر ۾ 10 سال جمع ڪيو ته ان جي عمر 40 سال ٿيندي.

جواب 8

5000x0= 0    5000x1=1

جواب 9

ڪل اٺ جانور ٺيندا، چاڪاڻ ته هر جانور جو هڪ مٿو ٺيندو آهي.

جواب 10

60 رپيا

................

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**

KAHANI CHAMAN
کہانی چمن